In the name of Allah, the compassionate, the merciful

به نام خداوند بخشنده مهربان

سرشناسه : احمدی میانجی، علی، ۱۳۰۴ - ۱۳۷۹.
عنوان قراردادی : آغاز و انجام سجده یا: سجده بر زمین .سندی
عنوان و نام پدیدآور : سجدو ، صدر اسلام کان دور حاضر تایین/تالیف علی احمدی‌میانجی ؛ سندیکار حافظ جمیل احمد کوسو.
مشخصات نشر : قم : مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی الله علیه و آله، ۱۴۰۱.
مشخصات ظاهری : ۱۶۴ص.
شابک : ۵-۲۰۸-۳۱۵-۶۲۲-۹۷۸
وضعیت فهرست نویسی : فیپا
یادداشت : زبان: سندی.
یادداشت : کتابنامه: ص.۱۵۹ - ۱۶۴.
موضوع : سجده / *Sajdah
شناسه افزوده : کوسو، جمیل احمد، ۱۹۸۴- م.، مترجم
شناسه افزوده : جامعة المصطفی ﷺ العالمیة. مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ
شناسه افزوده : Almustafa International UniversityAlmustafa International Translation and Publication center
رده بندی کنگره : BP۱۸۶/۵
رده بندی دیویی : ۲۹۷/۳۵۲
شماره کتابشناسی ملی : ۹۱۰۹۰۲۵
مرجع تولید : پژوهشگاه بین‌المللی المصطفی ﷺ
این کتاب با کاغذ حمایتی منتشر شده است
BP1519

**سجدو، صدرِ اسلام کان دؤرِ حاضر تائين**

**تاليف:** **آيةُ الله علي احمدي ميانجي**

**سنڌيڪار:** **حافظ جميل احمد ڪوسو** (روحاني)

**چاپ اول:** ۱۴۰۱ش / ۱۴۴۴ق

**ناشر:** مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ

**چاپ:** چاپخانه دیجیتال المصطفی ﷺ **شمارگان:** ۵۰۰ **قیمت:**

**Distribution Centers**

➢ Al-Mustafa Translation and Publication Center, 18th alley corner, Western Mu'allim St., Qom, Iran
Tel: +98 25 37836134
Fax: (Ex.105) 025 37839305

➢ Al-Mustafa Translation and Publication Center, Sālāriya Three Ways, Mohammad Amin Boulevard, Qom, Iran
Tel: +98 25 32133106

**pub_almustafa** **pub-almustafa.ir** **miup@pub.miu.ac.ir**

**Thanks are due to those who assisted us in making this work available**

**Publication manager:** Mustafa Noubakht

**Production manager:** Jafar Qasimi Abhari

**Printing and publication supervisor:** Ayyub Jamali

**All rights reserved**

مرکز بین‌المللی
ترجمه ونشر المصطفیٰ

# سجدو، صدرِ اسلام کان دؤرِ حاضر تائين

تاليف: آيۃُ اللّٰه علي احمدي ميانجي قدّس سرّہ

سنڌيڪار: حافظ جميل احمد ڪوسو (روحاني )

## ناشر پاران

عظيم اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ ڪان پوءِ انساني علوم جي ميدان ۾ نوان نوان سوال ۽ شڪ شبها مسلمان مفڪرن آڏو پيش ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي هن زماني ۾ حڪومت لاءِ سنگين ذميواري جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو زمانو جيڪو ملڪن جي همہ گير سرپرستي ڪرڻ ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ڪي تمام سخت بڻايو ڇڏي. ان ڪري اڄ ڪلھ جون تحقيقون جامع، منظم، ديني ميدان ۾ ڪارائتيون، دنيا جي معتبر معيارن ۽ خالص ۽ اونهي فڪرن تي مشتمل هجڻ گهرجن ۽ ديني ميدان ۾ تحقيق ڪندڙ حضرات جي فڪري ۽ تربيتي انحراف ڪان روڪٿام، هڪ اهم ڪم جي عنوان سان ۽ هن شجره طيبہ جي باني حضرات خاص طور تي عظيم اسلامي انقلاب جي باني امام خمينيؒ ۽ رهبر معظم انقلابؒ جي خاص عنايت تحت هجي.

ثقافتي ۽ رابطاتي ميدانن ۾ مغرب جي ثقافتي تسلط جي پکڙجڻ ۽ انهن جي جهاني ٿيڻ جي اها تقاضا آهي تہ هن مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات ۽ شاگرد، بلند فڪرن ۽ قيمتي معيارن ڪان آگاھ ٿين ۽ اهو ڪم اسپيشل سبجيڪٽن جي وجود ۾ آڻڻ، نون ۽ بي نياز ڪندڙ مواد ڪي تدوين ڪرڻ، تعليم ۽ شاگردن جي لاءِ آماده ٿيل تربيت جي دامن ڪي وسعت ڏيڻ سان ئي پڄاڻي تي پهچندو. اها مهم ڪڏهن بنيادي مسئلن ڪي چيڙڻ ۽ ڪڏهن اسپيشل مواد ڪي تدوين ڪرڻ سان سڄاتي وڃي ٿي تہ ڪڏهن وري علمي بحثن ڪي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ سهيڙڻ سان سامهون اچي ٿي.

تعليمي مرڪز رڳو منظم، قانوني ۽ جديد طرز مطابق تعليمي نظام جي سائي هيٺ ئي پروان چڙهي سگهن ٿا. سڪيا جي مواد ۽ تعليمي ۽ تحقيقاتي طريقہ ڪارن تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ انهن ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق پيش ڪرڻ پڻ ان نظم ۽ نواڻ ۽ نتيجي طور تعليمي ۽ تحقيقي مرڪزن جي علمي ترقي جو سبب ٿئي ٿو.

”جامعہ المصطفیٰ ﷺ العالميہ“ (المصطفیٰ ﷺ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدس ان اهم ڪم جو حصو بڻجي، غير ايراني طالبعلمن جي تعليم ۽ تربيت جي عظيم ذميواري سنڀاليندي مناسب تعليمي مواد جي تاليف کي پنهنجو مقصد بڻايو آهي ۽ ديني علوم جي مختلف سبجيڪٽن ۾ درسي مواد ڪي لکڻ ۽ نشر ڪرڻ ان مهم جو نتيجو آهي.

**انٽر نيشنل المصطفیٰ ﷺ**

**ترجمہ ونشر مرڪز**

# فهرست


**مقدمہ** ___ ٧

**نماز ۾ جنهن شيءِ تي سجدو ڪيو وڃي ٿو** ___ ١١
جيڪي تبديليون سجدي ۾ ٿيون آهن ___ ١٢
سجدي جا چار مختلف دؤر ۽ زمانا ___ ١٣

**اصحاب، تابعين ۽ فقيهن جا اقوال** ___ ١٧
اصحاب جا نظريا ۽ فتوائون ___ ١٧
هُيو. ___ ١٩
تابعين ۽ تبع تابعين جون فتوائون ___ ٢١
ذڪر ٿيل مطالب جو خُلاصو ___ ٣٩

**زمين تي سجدي جي "وُجوب" بابت دليلن جو پهريون ٽولو** ___ ٤١
مِٽي ۽ زمين جي اَجزاءَ تي سجدو ڪرڻ بابت شيعن جون دليلون ___ ٤١
حديث شريف بابت مختصر وضاحت ___ ٤٤
پٿرن يا پٿريَن ڪي ٽڌو ڪرڻ بابت روايتون ___ ٤٩
عمامي جي ڪُندِ تي سجدو ڪرڻ بابت روايتون ___ ٥٨
جيڪي روايتون [سجدي مهل] پيشاني ڪي لازمي طور زمين تي رکڻ جو حڪم ڪن ٿيون ___ ٦٠
اهلبيت عليهم السلام جن جون روايتون ___ ٦٨

**زمين تي سجدي جي "وُجوب" بابت دليلن جو ٻيو ٽولو** ___ ٧٩
سجدو ضرورت جي حال ۾ ___ ٧٩

**زمين تي سجدي جي "وُجوب" بابت دليلن جو ٽيون ٽولو** ___ ٨٩
سجدي ۾ گرمي ۽ سردي مان ملندڙ تڪليف ۽ ڏُکيائي ڪي دُور ڪرڻ خاطر اصحابن پاران چُونڊيل طريقا ۽ رستا: ___ ٨٩
پهريون طريقو ۽ رستو ___ ٨٩

ٻيو طريقو ________ ٩٠
ٽيون طريقو ________ ٩٣
**گاهه ۽ ٻوٽن تي سجدو ڪرڻ ________ ٩٩**
اِن سلسلي ۾ اهلبيتؑ جون روايتون ________ ١١٦
حديث جي لفظن بابت تحقيق ۽ جانچ پڙتال ________ ١١٨
**هر قسم جي ڪپڙي ۽ لباس تي سجدي جي جواز بابت اصحاب ۽ تابعين جو اجتهاد ۽ سندن رايا ۽ نظريا ________ ١٢١**
**لباس ۽ ڪپڙي تي سجدو ڪرڻ اهلسُنّت جي نشاني ________ ١٣٥**
حضرت امام حسينؑ جي قتلگاهه جي مٽيءَ جي فضيلت بابت اهلبيتؑ جون روايتون ________ ١٣٧
ڪربلا جي مٽيءَ بابت الله تعالىٰ ۽ سندس رسولﷺ جي سُنّت ________ ١٤٦
ساڳئي نموني سان هتي ٻيا منابع ۽ مآخذ پڻ موجود آهن، جيڪي الله ________ ١٤٩
**ڪتابيات ________ ١٥٩**

# مقدمہ

سڀ ساراهون اُن رحمان ۽ رحيم الله کي ڄڳائين، جيڪو ڪائنات جو پالڻهار ۽ خالق آهي، ۽ بيشمار دُرود ۽ سلام هُجن پياري پيغمبر حضرت محمّد مصطفیٰﷺ ۽ سندس معصوم اهلبيتؑ تي، جن جي عصمت واري ڪردار ۽ سيرت جو چٽو ثُبوت ، قرآن شريف ۾ ”آيت تطهير“ آهي:

﴿اِنّمَا يُرِيدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ البَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا﴾[1]، «اي پيغمبرﷺ جا گهر وارؤ! الله رڳو هيءُ گهرندو آهي تہ اوهان کان پليتي کي دور ڪري ۽ اوهان کي چڱي طرح پاڪ ڪري».

اِهو عصمت وارو ڪردار ئي سبب بڻيو آهي تہ الله تعالیٰ هنن هستيَن کي پوري مخلوق تي فضيلت ۽ برتري عنايت ڪئي آهي ۽ ڪين قرآن شريف جو حقيقي ساٿي ۽ مُفسّر قرار ڏنائين. قرآن شريف باطل ۽ بيهودگيءَ کان ڪامل طور وانجهيَل آهي. اِن آڌار تي سندس ساٿي ۽ مُفسّر پڻ اهڙا هُجڻ گهرجن، جن جو ڪردار ۽ سوچ، باطل ۽ بيهودگين کان سراسر پاڪ هجي. حضرت نبي ڪريمﷺ جن فرمائن ٿا:

«اِنِّی تَارِكٌ فِيكُمُ الثَّقَلَيْنَ: كِتَابَ اللهِ وَ عِتْرَتِی...»[2]؛ «تحقيق آئون توهان [اُمّتين] جي وچ ۾ ٻہ قيمتي شيون ڇڏي پيو وڃان: قرآن شريف ۽ مُنهنجي عترت...».

هِن حديث شريف جو چٽو مطلب اِهو ئي آهي تہ قرآن مجيد ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي عترت ۽ اهلبيتؑ، هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن ۽ هرگز هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ جوڳا نہ آهن؛ يعني: قرآن شريف کي عترت ۽

---

١. سورت احزاب (٣٣)، آيت ٣٣.

٢. محمد باقر مجلسي، *بحارالانوار*، ج٢، ص ١٠٠.

اهلبيتﷺ کان سواءِ ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي عترتﷺ کي قرآن مجيد کان سواءِ تصوّر ڪرڻ ئي غيرممڪن آهي ۽ اِهي هڪٻئي کان سواءِ بي مقصد آهن: ڇاڪاڻ تہ ٻئي، هڪٻئي جا مُبيّن ۽ مُفسّر آهن.

امام سُونهاراﷺ قرآنِ ناطق ۽ قرآن جا حقيقي مُفسّر آهن ۽ سندن بيان ۽ تفسير کان سواءِ، صحيح معنيٰ ۾ قرآن جي حقائق کي سمجهڻ ڪنهن شخص لاءِ ممڪن نہ آهي. صدرِ اسلام کان اڄ تائين، جيڪي ماڻهو ڄاڻي واڻي يا ڀُل چُڪ ۾ پاڻ سڳورنﷺ جي معصوم عترت ۽ اهلبيتﷺ کان پري رهيا ۽ پاڻ کي هِنن هستيَن جي فيض کان محروم رکيائون، سي دنيا ۽ خاص طور دين ۽ شريعت جي معاملن ۾ مختلف قسم جي مشڪلن ۾ گرفتار ٿيا ۽ حقيقت کان تمام گهڻو پري ٿي ويا آهن. هِن مطلب بابت مُحڪم ۽ چٽو گواهہ "تاريخ" آهي جيڪا چٽي نموني شاهدي ڏئي ٿي تہ ڪوڙ بدعتن کي سُنّت بڻايو ويو ۽ ڪوڙ سنّتن کي پڻ بدعت ڪوٺي بيان ڪيو ويو. جيڪي ماڻهو قرآن شريف ۽ اِن جي حقيقي مفسّرن يعني: معصوم عترتﷺ سان لاڳاپي ۾ رهيا ۽ انهن جي پيروي ڪيائون، تن کي گمراهہ ۽ سندن اعمال کي شرڪ ڄاڻايو ويو.

جن عملن ۽ ڳالهين جي ڪري قرآن مجيد ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي معصوم عترتﷺ جي پيروڪارن کي مشرڪ ڪوٺيو پيو وڃي، تن مان هڪڙو عمل پاڻ سڳورنﷺ ۽ سندن اهلبيتﷺ جي ذات سان منسوب شين مان تبرّڪ حاصل ڪرڻ آهي. ٻيو عمل، پاڪ مٽيءَ تي خاص طور تي حضرت امام حسينﷺ جن جي تُربت تي سجدو ڪرڻ آهي. ان کان سواءِ ٻيا ڪيترائي عمل.

ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن شريف ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي معصوم عترتﷺ جي پيروڪارن کي گمراهہ ۽ مشرڪ ڪوٺڻ جون فتوائون اڃان ختم نہ ٿيون آهن، بلڪ فتوائن جو سلسلو اڄ بہ جاري آهي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اِهو سلسلو قيامت جي ڏينهن تائين باقي رهندو.

اِنهيءَ نُڪتي کي آڏو رکندي، حق طلب مُحقّقن ۽ دانشورن تي فرض ٿو بڻجي تہ قرآني آيتن يا صحيح روايتن جي روشني ۾ دين اسلام جي حقائق کي پڌرو ڪن. البت اِن سلسلي ۾ ڪوڙ عالمن ۽ مُحققن، حقائق روشن ڪرڻ جي فرض کي احسن انداز ۾ نڀايو آهي ۽ تحقيقي ڪتابن جي تحرير سان هدايت جي چراغ کي اهڙي نموني روشن رکيو اٿن، جو ڪوڙ گمراهہ انسانن، صراط مستقيم جي معرفت پيدا ڪئي آهي ۽ اهلبيتﷺ جي مڪتب ۾ داخل ٿي ويا. نہ فقط داخل ٿي ويا آهن، بلڪ اهلبيتﷺ جي مڪتب کي

قبول ڪرڻ کان پوءِ، هِن مڪتب جي ترقي لاءِ پڻ ڏينهن رات پتوڙين پيا ۽ گهڻن ئي گمراهن ۽ جاهلن کي هن مڪتب جو شيدائي بڻائي ڇڏيو اٿن. اِن سلسلي ۾ ڪجهہ مُحقق، جهڙوڪ: علاّمہ شرف الدّين موسويﷺ، قاضي نورالله شوشتريﷺ، علاّمہ عبدالحُسين امينيﷺ، ۽ تيجاني سماوي حفظہُ الله وغيره سرفهرست آهن، جن پنهنجي مُدلّل تحقيقي ڪتابن سان، دين اسلام جي حقائق کي چڱي نموني پڌرو ڪيو آهي ۽ سندن قرآني توڙي رِوائي دليلن سان گهڻن ئي گمراهن ۽ جاهلن کي صراط مستقيم ڏانهن هدايت ڪئي آهي.

توهان جي هٿن ۾ موجود ڪتاب: ”سجدو، صدرِ اسلام کان دؤرِ حاضر تائين“ پڻ حقّ ۽ حقيقت ڏانهن هدايت ڪرڻ واري سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هِن ڪتاب جا ليکڪ ”آيۃُ الله علي احمدي ميانجيﷺ“ جن آهن. اِن کي تحرير ڪرڻ جو اصلي مقصد، سجدي جي ڪيفيّت ۽ اِن جي شرائط ۽ ارڪانن ۽ ذڪرن وغيره بابت اهلسنّت ۽ شيعن جي وچ ۾ اختلاف جي حقيقت کي پڌرو ڪرڻ آهي ۽ اِن کان علاوه، سجدي جي موضوع بابت مسلمانن جي وچ ۾ اختلافن کي مٽائڻ جو فرض ادا ڪرڻ آهي.

جاڻڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ سان رابطو برقرار ڪرڻ لاءِ بهترين وسيلو ”نماز“ آهي ۽ قرآن مجيد توڙي اهلبيتؑ جن جي روايتن ۾ نماز جي نسبت تمام گهڻي تاڪيد ڪئي وئي آهي. ايتري قدر جو نماز کي اسلام جو بنيادي رُڪن ڄاڻايو اٿن ۽ ڪجهہ حديثن ۾ تہ ”نماز“ ٻين عملن جي قبوليّت لاءِ معيار ۽ ڪسوٽي بيان ٿي آهي.[1]

نماز، الله تعالىٰ پاران ئي مقرّر ٿيل شريعت ۽ قانون آهي. اِنهيءَ لحاظ کان اِن جا اَجزاء ۽ شرائط پڻ خاص آهن ۽ اِن جي مُختلف اَجزاء مان هڪڙو اهم جزء، هر رڪعت ۾ ٻہ سجدا آهن، جيڪي نماز جو رڪن پڻ ليکيا وڃن ٿا. هِن اهم رُڪن جي احڪام بابت اهلسُنّت ۽ شيعن جي وچ ۾ اختلافن جو سلسلو گهڻي وقت کان جاري آهي. ٻنهي فرقن وٽ هڪڙو اهم اختلاف هيءُ آهي تہ ڪهڙين شين تي سجدو ڪرڻ جائز آهي ۽ ڪهڙين شين تي سجدو ڪرڻ جائز نہ آهي. هِن اختلاف بابت بحث ۽ گفتگو، تاريخ ۾ صدرِ اسلام کان هلندي پئي اچي ۽ هينئر بہ جاري و ساري آهي. اميد آهي تہ هِن ڪتاب جا مطالب ۽ دليل — جيڪي يقيني طور بناڪنهن تعصّب ۽ ساڄ جي بيان ڪيا ويا آهن — موضوع بابت اختلافن جي گهٽائڻ ۾ مفيد ثابت ٿيندا. اِن شاءَ اللهُ تعالىٰ.

---

١. محمد باقر مجلسي، *بحارالانوار*، ج١٠، ص٣٦٤.

هِن ڪتاب کي ”فارسي“ ٻوليءَ مان ”سنڌي“ ٻوليءَ ۾ گھڻي ڀاڱي مفهومي ۽ آزاد ترجمو ڪيو آهي ۽ ترجمي جي عمل ۾ مُنهنجي پياري پاءُ **”سلطان احمد“** پڻ تمام گھڻي مدد ڪئي آهي. ترجمو ڪامل ٿيڻ کان پوءِ ڇپجڻ تائين جن دوستن اسان جي مدد ڪئي آهي، تن ۾ **”حجّةُ الاسلام الشّيخ ديدار علي اکبري“** ۽ **”حُجّةُ الاسلام طيّب زمان لغاري“** جن سرِفهرست آهن. جناب ديدار اکبري جن ترجمي جي تصحيح ۽ جناب طيّب زمان جن نظرِثاني ڪئي ۽ پوءِ ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ پڻ **”حُجّةُ الاسلام نائب علي ڪُميلي“** جن وڏي خلوص سان سهڪار ڪيو آهي. الله سائين ٿنهي بزرگن کي قيامت جي ڏينهن باعمل عالمن ساڻ محشور فرمائي. آمين.

**جميل احمد آف بازمال شريف (جوهي)**
**آڪٽومبر ٢٠٢٠ع.**